

# اِي ميل اڪائونٽ

Email account

**خليق جمالي**
0332-3803120
*sindh_desh@yahoo.com*



**وائيس آف سنڌ اِي بڪ پبلشر**
**www.voiceofsindh.net**

## فهرست


- ارپنا
- پنهنجي پاران
- ياهو جي تعارف
- اِي ميل ٺاهڻ
- ياهو ميل
- اِي ميل پڙهڻ
- فائيل موڪلڻ
- انٽرنيٽ چئٽنگ

## ارپنا

مين اڪيلا هي چلا ٿا سوءِ منزل،
لوگ آتي گئي، ڪاروان بنتا گيا.

سنڌي ويب جي دنيا ۾ yahooجي حيثيت
رکندڙ وائيس آف سنڌ
جي نالي...

# پنهنجي پاران:

ڪنهن دؤر ۾ يورپي سائنسدان يا ڏاها پنهنجي ٿيوري پيش ڪري مري ويندا هئا ته ان ڪان ٻه ڪافي پوءِ اسان وٽ اها ٿيوري عمل ۾ ايندي هئي . انهي جا مون کي ٻه سبب نظر اچي رهيا آهن، هڪ سبب اهو پيو نظر اچي ته اڳئي دؤر ۾ ڪافي ماڻهو انهن ڳالهه ته ڌيان ٻه نه ڏيندا هئا جو ته اهي پُٺ تي پيل علائقن جا رهاڪو هئا ۽ ٻيو سبب اهو نظر پيو اچي ته ڪو ذريعو ٻه نه هو جنهن سان اها ڄاڻ يا نئين ٿيوري اسان وٽ وقت تي پهچي سگهي. ائين اسان سائنس جي ترقي سان گڏ نه ٻيهي سگهياسين، يورپي (ٻياڪوڙ سارا) سائنسدان سائنس ۾ تيزي سان نئوان ايجاد داخل ڪندا ويا. اسان انهن ايجادن کي 25 يا 30 سالن کان پوءِ استعمال ڪرڻ لڳاسين نتيجي طور اسان يورپي ۽ ترقي يافته ملڪن کان ڪافي پوئتي رهجي ويا سين.

اسان اڄڪلهه ڊائرڪٽ مائيڪرو پروسيسر جي دؤر جا ڪمپيوٽر استعمال ڪري رهيا آهيون، اسان ڪڏهن ويڪيوم ٽيوب ڪمپيوٽر وارو دور ڏٺو ئي ناهي، اسان ڪڏهن ٽرانسٽر ڪمپيوٽر وارو دور ڏٺو ئي ناهي. جڏهن اسان ڪمپيوٽر جا اهي شروعاتي دؤر نه ڏسي سگهياسين ته پوءِ اسان يقينن انهي ٽيڪنالاجي ماسٽر نه ٿي سگهياسين.

اڄ جڏهن ٽيلي ڪام ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ترقي دنيا کي تمام ننڍڙو ڪري ڇڏيو آهي دنيا ۾ نئيون ايجادون ۽ نوان پيش ٿيندڙ نظريا اسان وٽ انٽر نيٽ يا وري گلوبل نيٽورڪنگ جي ٻئي ڪنهن ذريعي تحت اچي پهچيو وڃن. تڏهن ٻه اسان جا ماڻهو انهن کي اپنائڻ لاءِ تيار ئي ناهن.

جڏهن اسان ڪنهن ٻئي جي ايجاد ڪيل ٽيڪنالاجي جا مخالف هونداسين ته نتيجن اسان ٻه ڪوئي ٽيڪنالاجي ايجاد نه ڪري سگهنداسين .

وائيس آف سنڌ جي ٽيم سوچيندي ته مون آخر هڪ آسان موضوع ته هي ڪم چو ڪيو آهي، ۽ جڏهن هڪ ماڻهو هي ڪتاب انٽرنيٽ مان ڊائون لوڊ ڪري پڙهندو ته لازمي آهي ته هُن کي انٽر نيٽ جي باري ۾ ضرور ڄاڻ هوندي ته پوءِ هن ڪتاب جو اثر شايد ئي بيڪار هجي.

آئون اوهان کي ٻڌائندو هلان ته جڏهن مون ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ته ان وقت منهنجي ڳوٺ ۾ صرف هڪ ماڻهو ئي ڪمپيوٽر ۽ انٽر نيٽ استعمال ڪندو هو، اها اڄ کان ست سال پراڻي ڳالهه آهي، انهن وقت مون کي انٽرنيٽ يا اِي ميل جي باري ۾ بلڪل ڄاڻ نه هئي، آئون پنهنجو سڄو وقت ونڊوز پينٽ يا وري مائيڪرو سافٽ پاور پوائينٽ ۾ گذاريندو هئس.

هڪ ڏينهن نيٺ مون انٽرنيٽ هلائڻ جو سوچيو، هڪ دوست کي چيئم جيڪو شهر ويو ۽ مون لاءِ انٽرنيٽ جو ڪارڊ وٺي آيو، مون پي ٽي سي ايل جو لائين موڊيم سان لڳايو، مون ۽ منهنجي پياري دوست خالد جيڪو پڻ منهنجوڪمپيوٽر استعمال ڪندو هو، اسان ڪافي ڪوشش باوجود انٽر نيٽ هلائي نه سگهياسين. پوءِ اسان ممتاز وٽ وياسين جيڪو اڳئي انٽرنيٽ استعمال ڪندو هو، انهي مون کي موڊيم ٻه انسٽال ڪري ڏنو ته وري مون کي انٽرنيٽ ٻه هلائي ڏيکاري. آئون پنهنجي ڪيبينٽ (سي پي يو) گهر کڻي آيس. خيرن سان انٽرنيٽ ڪنيڪٽ ٿي ويو پر مون کي اها خبر نه هئي ته هاڻي ويب سائيٽ ڪيئن کولجي(ممتاز جو ٻڌايل طريقو مون کان وسري ويو) پوءِ وري وڃي خالد ممتاز کان پڇي آيو، ممتاز چيو ته "ڊيسڪاٽ ۾ نيري رنگ جو e هوندو ان کي کوليو ۽ پوءِ مٿي ڏنل جڳهه تي اوهان ويب سائيٽ لکو." (ممتاز جو اشارو انٽرنيٽ ايڪسپلورر طرف هو).

ائين مون ٻه سال کن رڳي ويب سائيٽ ئي وزٽ ڪيا پوءِ هڪ انگلش سڪڻ جي ڪتاب ۾ اِي ميل ٺاهڻ جو طريقو ڏنل هو، انهي ۾ hotmail ۽ yahoo ۾ اِي ميل ٺاهڻ جا طريقا هئا، مون اتان yahoo ۾ اِي ميل ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ڇو ته مون اڳئي yahoo بابت ڪافي ڪجهه ٻڌو هو، مثال ۾ هڪ اِي ميل ادريس ڏنل هو mahmood_uu@yahoo.com (مون کي خبر ناهي ته هي واقعي اِي ميل هو يا وري ليکڪ ڪو فرضي اِي ميل ڏنو) مون انهي اِي ميل ادريس کي ڏسي Khalique_uu@yahoo.com ٺاهيو. پوءِ مون کي اها خبر نه هئي ته هاڻي چائٽنگ ڪيئن ڪجي پوءِ مون ڇا ڪيو جتي yahoo جو سرچ باڪس ڏنل آهي اتي مون پنهنجو اِي ميل ٽي لکيو جنهن ۾ الائي ڇا ٽي آهيو جيڪو اڄ تائين سمجهڻ ۾ نه آيو، ان وقت مون کي ياهو ميل بابت به ڄاڻ نه هئي، مون کي تصور ۾ به نه هو ته ڪو ياهو ميل به آهي.

بهرحال پوءِ آئون هالا ڪاليج پڙهڻ لاءِ آيس ۽ آئون، خالد، ماجد ۽ ٻيا دوست اسان هالا ۾ ڪرائي تي جڳهه وٺي اتي رهياسين اتي ڪيفي ۾ ڪم ڪندڙ ڪليم نالي نوجوان سان دوستي ٿي هُن اسان ٻڌايو ته yahoo messenger جي ذريعي اوهان چيٽنگ ڪري سگهو ٿا ۽ ان ئي اسان کي ياهو ميل ۾ وچڻ ۽ فائيل موڪلڻ جو طريقو ٻڌايو. ائين اسان ڪافي مشڪلات کان پوءِ انٽر نيٽ سکياسين. اڄ ڏينهن تائين هڪ ڏُک آهي ته منهنجي پهرين ٺهيل اِي ميل khalique_uu کي آئون ڪڏهن به کولي نه سگهيس ۽ گهڻي وقت تائين اِي ميل کولڻ نه ٿي آيو ۽ جڏهن اِي ميل کولڻ آيو آهي ته ان اِي ميل جو پاسورڊ به وسري ويو، مون ان اِي ميل ۾ فرضي نالا ۽ ڊيٽ آف برٿ ڏنا هئا انهي لاءِ آئون ڪجهه به نه ڪري سگهيس ۽ پنهنجي پهرين اِميل کي وساري ڇڏيم.

وائيس آف سنڌ جي ٽيم کي هاڻي سمجهڻ ۾ اچي ويو هوندو ته واقعي هن ڪتاب جي به ضرورت آهي، خبر ناهي ته ڪيترائي خليق هوندا جن کي اڃان اِي ميل ٺاهڻ جو طريقو نه هوندو، جن ٺاهيا هوندا ته انهن کي انهن جي فائدي جي ڄاڻ نه هوندي.

اڄ به جڏهن آئون ۽ منهنجو دوست خالد يونيورسٽي مان واپس ايندا آهيون ته ڪوڙ ماڻهو ايندا آهن، هو ڪافي ڪجهه ڄاڻڻ ٿا گُهرن ۽ آئون پنهنجي وس آهر سافٽويئر ۽ خالد هارڊويئر جي باري ۾ ٻڌائيندو آٿن. گهڻن ماڻهن کي ته google جي استعمال جي به خبر ناهي.

هي ڪتاب نون انٽرنيٽ يوزر لاءِ ڪافي ڪارائتي ثابت ٿيندي.جيڪي اِي ميل جهڙي گلوبل نيٽورڪنگ جي استعمال جا خواهشمند هوندا.

**خليق جمالي**

*1_8_08*

# ياهو

## تاريخي پس منظر:

ياهو اِي ميل دنيا ۾ وڏيڪ استعمال ٿيندڙ اِي ميل بيسڊ ويب سائيٽ آهي. ياهو پنهنجي اِي ميل سان گڏ هڪ منفرد انداز ۾ پنهنجي وزٽر لاءِ وڏيڪ سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ پڻ سجاتي وجي ٿي. جڏهن ڪو وزٽر ياهو طرف ويندو آهي ته ان کي تقريبا هر پيري ڪا نئي ڳالهه ڏسڻ لاءِ ملي ٿي.

اچو ته ڪجهه ياهو جي تاريخي پسمنظر تي نظر وجهون.

جنوري 1994 ۾ Stanford جي graduate شاگردن جيري ينگ ۽ ڊيوڊ فيلو هڪ ويب سائيٽ ناهي، هنن ان ويب سائيٽ جو نالو "Jerry's Guide to the World Wide Web" رکيو. هي ويب سائيٽ دراصل هڪ ڊائريڪٽري هئي جنهن ۾ مختلف ويب سائيٽس جا لنڪ ڏنل هئا.

اپريل 1994 ۾ "Jerry's Guide to the World Wide Web" ويب سائيٽ جو نالو تبديل ڪري "Yahoo!" رکيو ويو.

سال 1994 جي آخر تائين ياهو ويب سائيٽ کي 1 ملين ماڻهو وزٽ ڪري چُڪا هئا.

8 مارچ 1997 ۾ ياهو 11 four ڪميونيڪيشن ڪمپني کي خريد ڪري پنهنجو بنائي ڇڏيو. Four 11 جي rocket mail کي جلد ئي yahoo mail ۾ تبديل ڪيو ويو. جلدي ئي classic games.com کي به ياهو پنهنجو ڪري ان کي yahoo games ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ياهو مارڪيٽنگ ڪمپني Yoyodyne Entertainment, Inc کي پنهنجو ڪري ورتو.

28 جنوري 1999ع ۾ ياهو ويب هوسٽنگ جو هڪ نئون سلسلو GeoCities دنيا جي سامهون پيش ڪيو. 28 جون 2000ع ۾ ياهو eGroups کي خريد ڪري پنهنجو بنائي ڇڏيو ۽ ان کي yahoo groups ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.21 جولائي 1999 تي ياهو وارن ياهو ميسنجر متعارف ڪرايو.

26 جون 2000 ۾ ياهو جي ٽيم گوگل سرچ اينجن کي هڪ اگريمنٽ تحت ياهو ويب سائيٽ ۾ استعمال ڪيو. پر 18 فيبروري 2004 ۾ ياهو گوگل سرچ اينجن کي هٽائي ڪري پنهنجو سرچ ايجڻ ياهو سرچ متعارف ڪرايو.

9 فيبروري 2005 ۾ ياهو وارن ياهو ميوزڪ متعارف ڪرايو. 20 مارچ 2005 ۾ ياهو فوٽو شيئرنگ ويب سائيٽ filckr کي ملهه ورتو. 29 مارچ 2005 ۾ ياهو هڪ سوشل نيٽورڪنگ Yahoo! 360° متعارف ڪرايو.

ائين ياهو ترقي ڪندي ويو ۽ اهو عمل اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

ياهو ۾ وڃڻ لاءِ www.yahoo.com تي وڃو.




ياهو ويب سائيٽ جي مرڪزي تصوير

هاڻي اچو ته ياهو ۾ اِي ميل ناهڻ سکون.

سڀ کان پهريان مٿي ڏنل free email: sign up کي ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان وٽ هڪ فارم ايندو جنهن کي اوهان پنهنجي انفارميشن سان ڀريو.

متي Type the code shown لکيل نظر اچي رهيو آهي اوهان ان جي هيٺ ڏنل ڪوڊ ان باڪس ۾ لکو.




متي ڪوڊ ۾ اوهان کي cFynJHz لکيل نظر اچي رهيو آهي، ان کي متي باڪس ۾ لکو.

متي فارم ۾ اوهان کان انفارميشن جي گهُر ڪئي وئي آهي.

1. اوهان پنهنجي معلومات ڏيو.
2. اوهان پنهنجي اِي ميل جي سڪيورٽي لاءِ پاسورڊ وغيره جي چوند ڪريو.
3. اوهان ٽئين نمبر پورشن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ سڪيورٽي سوال ڪٽو ۽ ان جو جواب ڏيو جڏهن اوهان کان پنهنجو پاسورڊ وسري وڃي ته پوءِ اوهان کان 3 نمبر پورشن ۾ ڏنل سوالن جا جواب گهُرايا ويندا، اوهان انهن سوالن جا جواب ڏئي پاسورڊ تبديل ڪري سگهو ٿا. Alternate email جي جاءِ تي اوهان پنهنجي دوست وغيره جو اِي ميل ڏيو، ياهو ميل وارا اوهان جي دوست کي هڪ ميسج موڪليندا ۽ هو اوهان جي اِي ميل کي ايڪٽو ڪندو.

ان کان پوءِ اوهان ياهو ۽ ياهو ميل جي پاليسي کي مڃڻ لاءِ هيٺ ڏنل چيڪ باڪس کي چيڪ ڪريو.




اوهان چيڪ باڪس کي چيڪ ڪري Create my account کي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان جو اِي ميل آڪائونٽ ٺهي ويندو ۽ ياهو طرفان اوهان کي مبارڪ باد ڏنو ويندو.

نوٽ: هتي ڪنهن مجبوري تحت اِي ميل جي ٺهڻ کان پوءِ وارو پيج نہ ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ آئون اوهان کان معافي گهران ٿو.

جڏهن اوهان اِي ميل ۾ گهربل ڄاڻ غلط ڏيندا ته اوهان کي اتي ئي فارم ۾ آگاهي ڏني ويندي.




مٿي پهريان ته اوهان کي پوسٽل ڪوڊ غلط ڏنل نظر اچي رهيو آهي، اوهان کي پوسٽل ڪوڊ جي سامهون ڳاڙهن اکرن سان آگاهه ڪيو ويو آهي.
مٿي ڏنل اِي ميل آ ڊي پڻ غلط آهي ڇو ته هي پڌائي رهيو ته اوهان جيڪو my_sindh_desh@yahoo.com آهي اهو اڳئي نهيل آهي، انهي لاءِ اوهان بيو آ ڊي پسند ڪريو يا وري چيڪ Check کي ڪلڪ ڪريو. ائين اوهان کي ڪجهه اِي ميل ايڊريس ڏنا ويندا اوهان اتان به اِي ميل پسند ڪري سگهو ٿا.

جڏهن اوهان پنهنجو اِي ميل ناهي وٺندا ته پوءِ اوهان وري www.yahoo.com ۾ وڃو.




هاڻي اوهان ياهو مان Check your mail status: Sign In تي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان وٽ هي پيج اچي ويندو اوهان ڏنل جڳھ تي پنهنجو ياهو آ ڊي ۽ پاسورڊ ڏئي Sing in تي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان وٽ هي پيج اچي ويندو، اتي اوهان کي پنهنجو نالو نظر اچي رهيو آهي ۽ ان جي هيٺيان اوهان کي هڪ اِي ميل جي آگاهي ڏنل آهي.



اوهان ميل تي ڪلڪ ڪريو.

پوءِ اوهان ياهو ميل جي اندر داخل ٿي ويندا.




ان ڪان پوءِ اوهان پاسي ۾ ڏنل Inbox تي ڪلڪ ڪري پنهنجا ميل پڙهي سگهو ٿا.




هاڻي اوهان مٿي ڏنل اِي ميل کي ڪلڪ ڪري پڙهي سگهو ٿا.

اچو تہ هاڻي ياهو ۾ فائيل موڪلڻ سکون.

اوهان پنهنجي دوست يا ڪنهن ٻئي کي ڪا ڊي فائيل موڪلي سگهو ٿا، ياهو فري اِي ميل ۾ (اڄ تائين) 10MB موڪلڻ جي اجازت مليل آهي، ان کان وڌيڪ جي فري اِي ميل ۾ اجازت ناهي.




ياهو ميل ٽيب جي هينيان ڏنل compose کي ڪلڪ ڪريو.




اوهان مٿي To: جي سامهون ڏنل باڪس ۾ پنهنجي دوست جو اِي ميل ادريس ڏيو.

مثال: sindh_desh@yahoo.com

پوءِ اوهان :Subject جي سامهون پنهنجو سبجيڪٽ لکو.

مثال: Urgent replay وغيره.



پوءِ اوهان Attach Files کي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان وٽ هينئيون پيج کلي ويندو.




پوءِ برائوز ... Browse کي ڪلڪ ڪريو.




اوهان اهو فائيل ڪڍو جيڪو اوهان ڪنهن ڏي موڪلڻ چاهيو ٿا. اوهان هڪ کان وڌيڪ فائيل بہ موڪلي سگهو ٿا.

اوهان جيڪي فائيل سليڪٽ ڪندو اهي اوهان کي هن ريت نظر ايندا.




جيڪڏهن اوهان ڏنل پنج فائيلن جي جڳهه کان وڌيڪ فائيل موڪلڻ چاهيو ٿا ته پوءِ Attach more files تي ڪلڪ ڪريو.




اوهان جڏهن فائيل اٽيچ ڪري چڏيندؤ ته پوءِ Attach files کي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ وري اوهان وٽ هينيون پيج کلي ويندو جنهن تي اوهان جا اٽيچ ٿيل فائيل به ڏيکاريل هوندا.




اوهان هيٺ ڏنل Text area ۾ پنهنجو پيغام لکي موڪلي سگهو ٿا.




ان کان پوءِ اوهان پيغام موڪلڻ لاءِ Send تي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان جو پيغام ۽ اٽيچ ڪيل فائيل اوهان جي دوست وٽ پهچي ويندا ۽ اوهان وٽ هيٺيون پيج کلي ويندو.




پوءِ اوهان پنهنجي اِي ميل کي Sing out ڪري ڇڏيو ته جيئن ڪو ٻيو اوهان جي اِي ميل مان ناجائز فائدو نه وٺي.

اِي ميل کي Sing out ڪرڻ لاءِ اوهان Sing out تي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ اوهان وٽ ياهو جي مرڪزي پيج اچي ويندو. ۽ اوهان کي آگاهه ڪيو ويندو ته اوهان Sing out تي چڪا آهيو.



# Internet chatting

اوهان کي ياهو ۾ چيٽنگ ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين Yahoo messenger انسٽال ڪرڻو پوندو. ياهو ميسنجر اوهان ياهو جي ويب سائيٽ مان مفت تي ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا. يا وري اوهان مارڪيٽ مان ياهو ميسنجر جي سي ڊي خريد ڪري ان کي پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ انسٽال ڪيو.




جڏهن اوهان ياهو ميسنجر انسٽال ڪري وٺو ته ان ياهو ميسنجر جي ڊيسڪٽاپ ۾ ڏنل Icon کي ڪلڪ ڪري کولي وٺو.




ان کان پوءِ پنهنجو اِي ميل ۽ پاس ورڊ ڏئي ياهو سان ڪنيڪٽ ٿي وڃو.




ياھو ۾ ڪنيڪٽ ٿيڻ ڪانپوءِ اوھان ياھو ميسنجر مان دوستن ڏانھن انسٽنٽ ميسج، چيٽنگ ۽ ٻيون ڪوڙ سارين ايڪٽوٽيز ڪري سگھو ٿا.

ھي سمجھاڻي صرف ياھو ميل جي باري ۾ آھي انھي لاءِ ھتي ياھو ميسنجر جي باري ۾ ٻڌائڻ مناسب ناھي، ڪنھن ٻئي وقت تي ياھو ميسنجر جي باري ۾ ڀرپور سمجھاڻي ڏبي.

**www.voiceofsindh.net**
وائيس آف سنڌ اِي بڪ پبلشر